
# لڙيو سج لڪن ۾

## شيخ اياز



# لڙيو سج لڪن ۾

شاعري

شيخ اياز

نيو فيلڊس پبليڪيشنز
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ
1988ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سئو ٻه
ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
ٻيو ايڊيشن جنوري 1988ع
قيمت 20/- رپيا
آفسيٽ پيپر ۽ پڪي جلد سان 35/- رپيا
(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

LARYO SIJJ LAKAN MEEN (Poetry) written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, TandoWali Mohammed Hyderabad Sind.Pakistan First Edition February 1980. Second Edition January 1988. Price Per Copy Rs. 20/-

---

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن فيبروري ١٩٨٠ع ۾ محمد ابراهيم جويي، صدر سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

٣٤- آرٿ نہ اوبيٺ آنءُ .... ٥١
٣٥- ساوڪ رُت ۾ سانورا! .... ٥٢
٣٦- توکان سوا مينترا! .... ٥٣
٣٧- هيءَ جا ڏونرن ڏات .... ٥٤
٣٨- چارين پير چايون .... ٥٥
٣٩- لُنءَ لُنءَ نکتي لات .... ٥٦
٤٠- متي تن مچن .... ٥٧
٤١- رتو رنو رات .... ٥٩
٤٢- جبل جاڙ وڏاهه .... ٦٠
٤٣- جرڻ ڏيئا جهڪن.... ٦١
٤٤- توکي کهڙي کل! .... ٦٢
٤٥- پيچ پنيءَ پوتار .... ٦٥
٤٦- ساجهر توڙي سنجهه .... ٦٧
٤٧- جيءَ جهپايو آپ .... ٦٨
٤٨- نيٺ تہ بادل برسيا .... ٦٩
٤٩- چن چن ڪن تا چنءُ.... ٧٠
٥٠- وڇون وجهي ورءُ .... ٧٢
٥١- اکيون اکين ساڻ .... ٧٣
٥٢- آر آکاري کير!.... ٧٤
٥٣- رتا مولهہ متن .... ٧٥
٥٤- پڏيءَ تٽ نہ آچ .... ٧٦
٥٥- ڪام نہ ڪرهي مار .... ٧٧
٥٦- جهيٽين آڳارين ڪيسين سيڪيان هنڙا! .... ٧٨
٥٧- سانجهيءَ سج پڏو .... ٧٩
٥٨- ڪتي رات پئي! .... ٨٠
٥٩- واڪا ڪري واءُ! .... ٨١
٦٠- هيءَ تنهنجي ياري.... ٨٢
٦١- او شل هوت اچن! .... ٨٣
٦٢- تنهنجيءَ جوڙ جهلڪ .... ٨٤
٦٣- اُڏر، آڙي او ڪانگ!.... ٨٥
٦٤- پُنءِ پاري، گهر ڏور .... ٨٦
٦٥- ڪلءُ ڪتوريءَ جيئن .... ٨٧
٦٦- ڪڪرُ جهڙ ڪارو .... ٨٨

رتـــاڳين راسيون ۾ لکن لڄ لـــڙيو
ڪري اونداهي اڏيون، مارياڳين مون کي
شاه—

ماضيءَ ۽ مستقبل جي تالي.............

# وايُون

○

ووڙيندي مون واٽَ

لٿو سج لڪن ۾.

چپر منجهه ڇُپي ويا، لوڻين اوچا ڪلاٽ.

لٿو سج لڪن ۾

ڪيڏو اهڪو پنڌ هو، نه ڪا ڄاڻو نه ڄاٽ.

لٿو سج لڪن ۾.

اونداهي ۽ اوجهـرو، ڦرڪُو جيئن جـاٽ.

لٿو سج لڪن ۾.

٥

کوبہ نہ آيم کَيَّ
آوَنِـي تن جي آڍَ۔
چَپَرُ کالهہ چِڏي ويا

وَرِ وَرِ ڏيندم کيترا
اوَنِـي ڳوَنِـي وَدَّ !
چَپَرُ کالهہ چِڏي ويا

آءَ ، آهيَٺي ڏاڪڙا،
هُو جي ڏونگَر ڏَيَّ۔
چَپَرُ کالهہ چِڏي ويا

○

هُو جي ڪالهہ تڏي
ڇپرَ منجهہ ڇڏي
ڪُهہ جاٽان ڪاڏي ويا !

هاء ، ويا هُو قافلا
ڪهڙيءَ لوء لڏي !
ڪُهہ جاٽان ڪاڏي ويا !

آڏرِ اوري نِجهرا
آڏيءَ رات آڏي
ڪُهہ جاٽان ڪاڏي ويا !

جن جا پيرا پُوڄيا
مُنهنجي جيءَ جڏي
ڪُهہ جاٽان، ڪاڏي ويا !

واڪا واڪا واء مانُ
تَسِي اَڄُ سُڄَ سڏي
ڪُهہ جاٽان ڪاڏي ويا !

ڳوڙها روڪي ڳوليان
جَبل، جاءِ تہ ڏي!
ڪُهہ جاڻان ڪاڏي ويا!

اَڄُ تہ ٻُجھِي ويا ٻوڪ

اوندھ اونڌوڪار ۾

راھو* جڏھن رڙڪي پيو

ڪِر مان ڪيِي ڪُوڪ

اوندھ اونڌوڪار ۾

ڪيِچڙ ۾ ڪيڙا لڳا،

سپ ڪان سَگُرُ ٿوڪ

اوندھ اونڌوڪار ۾

آيري ايندو اوچتو

نيٺ تہ نيزي نوڪَ

اوندھ اونڌوڪار ۾

---

* راھو= هندو ديومالا جو هڪ دئيت، جو سج ۽ چنڊ کي رڙڪي ويندو آهي.

○

موتَ ڪيا سَڀُ مٽِ
هُوندا ڪيرِ حياتِ-
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ؟

تارَن ٻُنء سان ٽِي ڇِڪِي
نِيچُ نڪــر جي راتِ-
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ؟

ڪيسِين سُپنا سِڄْ جا
وائـِـي سانڍِي واتِ!
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان ؟

اونــڌھ انـڌوڪارَ ۾
آءُ، ڏُکوئي ڏاتِ-
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان؟

❋

○

ڪاريھر جو پَکُ
ڏُکِيّ نِنڊَ ڏُھاڳَ جِي

چَنڊَ پَٽيھِي عاج جِي
کِلُ کِل پوڙھو ڪَکُ ـ
ڏُکِيّ نِنڊَ ڏُھاڳَ جِي

وِھُ ساگر ۾ ويو ٻُڏي
چِٺ تہ سُھائو پَکُ ـ
ڏُکِيّ نِنڊَ ڏُھاڳَ جِي

رات گُھري راڪاس جان
نِنڊَ نِـدوري ٻَکُ ـ
ڏُکِيّ نِنڊَ ڏُھاڳَ جِي

○

توڙي پوڻيءَ دَرَ،

نِنڊَ اَچي ٿِي ڪانهَ تِي!

ڳورا ڇَپَرَ پيارَ جا
پَڪِيءَ گهايَلَ پَرَ،

نِنڊَ اَچي ٿِي ڪانهَ تِي!

پويان پاڇا رات جا
ڪاريهَرَ جــا ڪَرَ،

نِنڊَ اَچي ٿِي ڪانهَ تِي!

آف! هِي آهِي وڏجو
ڏيرو آن جــِي يَرَ،

نِنڊَ اَچي ٿِي ڪانهَ تِي!

اورانهين جا آڪسنا
ڏُورانهين جا ڏَر،
ننڍ اچي ٿي ڪانہ ٿي!

سُپنا مُنهنجي ساهہ جا
ڪنهن کي تُنهنجي ڪَرا!
ننڍ اچي ٿي ڪانہ ٿي!

○

مُيون مالهٽيون

سڪا موتئي گجرا

آيا ڏينهن ڏهاڪ جا
چونيون چڪ تيون،
سڪا موتئي گجرا

نوڙي ڪيڏيون نندڙيون
چوڏينهن چنڊ نيون!
سڪا موتئي گجرا

ڪهه جاڻون ايندا ڪڏهن،
ڪيسين جاڙ جيون!
سڪا موتئي گجرا

ڪُٺا رات ڪَـلالَ،
ميڙو ناهي مَڏُّ تي

رات نہ ڊاڪَر پيار جِي
چَنڊُ نہ ڪنهن جِي ڊالَ!
ميڙو ناهي مَڏُّ تي

پيٽَ ڪي پوَٺُو ڪَيو
جِيئَڻ جـي جنجالَ،
ميڙو ناهي مَڏُّ تي

سَٿـان مَٿّـن هَـٿّڙا
سيڪي ٿيـا سالَ،
ميڙو ناهي مَڏُّ تي

وَرنهَ ولِهه وهانئيا
مُوڙها سائيءَ لال،
ميڙو ناهي مَڏُ تي

ٻهَ ٻهَ ڪَن ٿا ٻاتَ ٻر
هاٿي چورَ چَنڊالَ،
ميڙو ناهي مَڏُ تي.

ڀِنَرُ! ڪهڙو ڀَت؟
چَنَن ٽڪيءَ لَت
مون کي گيتُ نہ آئُڙي

راوَڻ جهڙيءَ راتِ ۾
ڪنهن کي سيتا سَلِڻ؟
مون کي گيتُ نہ آئُڙي

ڪهڙو ڪينرَ کي ڏيان
آڏيءَ جو آٿت؟
مون کي گيتُ نہ آئُڙي

پڙڪايان ڪنهن باهہ سان
پنهنجو تارُونءَ تت!
مون کي گيت نہ آئُڙي

○

نـاهـي ســـوتُ مَـيـارَ

وو٭ ميان، وو ، وو ميان !

صليبن جــي سامُهُـونُ

كيڏِي آه قـطــارَ!

وو٭ ميان، وو ، وو ميان !

لُـريءِ ۾ لڙكن پيا

كَنڌَ نِـوايـل يــار ،

وو٭ ميان، وو ، وو ميان !

آهـــن آڏّ قُــلارَ ۾

كـيــڏا كـپيل ڏارَ!

وو٭ ميان، وو ، وو ميان !

لالُ لهوءِ ۾ لوَنڊڙيون

كيڏا كِيرَ كَپـارَ!

وو٭ ميان، وو ، وو ميان !

آگهو ميان اکيون
پوي جنهن نہ پچارَ!
ووء ميان، وو ۽ وو ميان!

سانيي رکو ساهہَ ۾
پنهنجا قَولَ قَرارَ!
ووء ميان، وو ۽ وو ميان!

○

کارونجهر تي ڪارِي راتِ -

اونداهو آڪاسُ مٿان، ڪنهن ٿاري ناهي تات !

ڪائِي ڀَڳَ ڀُڪار نہ آئِي، لُنءُ لُنءُ ڳولي لات !

ڪالهہ ڏٺاسين ڏِيئا ڏِيئا، مورَ ٿيا جي ماتِ.

شالَ ورِي ڪا ڪوُڪَ ڪنارِي، چيرِي چُپِّ چُپاتِ!

○

هو جي سيڻ ڪيام
کهڙيءَ واٽ ويام؟ ن
آءٌ ته پُنس پنڌ ۾!
جاڳي جاڳي، جيئڙي
ڪا جا جهپ لڳام
آءٌ ته پُنس پنڌ ۾!
ڪُهه جاڻان هن ڪوهه ۾
پُنهونءَ سَڏ سٽيام!
آءٌ ته پُنس پنڌ ۾!
هِت هُت هوت پروچ جا
پرجهي پير ڪنيام،
آءٌ ته پُنس پنڌ ۾!
دُوريءَ هُن جي ديس جي
سوچي نيڻ پِنام،
آءٌ ته پُنس پنڌ ۾!

○

ڪِنن ڪو ڪُوڪارِ-

مِڙنِي ماٺِ اَچي وئِي

ڏَنوئيون ڏِڳ چڙي ويا ، ڳَٽ ٻه ٺي ڳارِ-

مِڙنِي ماٺ اَچي وئي

آهي ڏوڙ ڏسل تي ، هرڪنهن اوتارِ-

مِڙنِي ماٺ اَچي وئي

واڪي وَسُ چڙي ڏنو ، نعرِي ناڪارِ-

مِڙنِي ماٺِ اَچي وئي

هيلَ تہ سائو ٻَنُ پِي ، ڪونہ چڙهيو ٻارِي!

مِڙنِي ماٺِ اَچي وئي

آهي ڪائِي چٽنڪ جا ٻارڻ کِي ٻارِي ؟

مِڙنِي ماٺِ اَچِي وئي

آهي ڪو ڪوهيارُ جو ڏُونڪر کي ڏاري؟

مِڙنِي ماٺ اچي وئي

ڏِيڻ جڻن ڏڏڪي پيو، ڪيرُ گهري ڳاري؟
مِٽني ماٽ اچي وئي

ڇپون ڪيهَرَ ڪَرُ ٽيون، چيلهه ڀڳي چاري-
مِٽني ماٽ اچي وئي

جَڻُ ڪا ڏائڻ ڏيهه ڪي پيئي ڏهڪاري-
مِٽني ماٽ اچي وئي

هِيءَ وَسيهَر وِهُه نئين، ماري يا ڪاري-
مِٽني ماٽ اچي وئي

چوڏ چڏين ٿو تون به اڄ وائيءَ ڪي واري!
مِٽني ماٽ اچي وئي

○

لڦُون لالَ ليارَ،

ڪيرُ چُميندو چاهَ مان؟

ڳولي لين ڪونه ٿا، ڪُلهي ڪوڏيا يارَ.

جوڙي جَڳ جي او ميان کهڙي سارَ وِسارَ!

توڙي ڏونگرَ ڏاڪڙا، پندَ، پَراهان پارَ،

ڏاهي ڏُکَ نه آڻُيا ويڳاڻا ويچارَ،

مان ۽ سُنهنجو پنڌڙو، ڀي ڪنهن ڪوه ميارَ!

◆▮◆

آڌُر پکيئَڙا يارَ

پُنا پولڻَ ڏينهڙا

ڪَيَئہ ڪيڏيءَ اوڪَ سان اندر جي آپتارَ!

آيرِي آتَر وڄُ جان پوليئہ پولٿهارَ!

تَلَ ترايون چمڪيون وُتا مينگهہ مَلارَ

ڪيڏا وَڏَ وجهي وئي تنهنجي ڪَنتَ ڪَتارَ!

سارو توتي موهيا ڏائي ڏِنگهرن ڏارَ

چُوڻي-چنتا تي ڪُتا وَڳَر جا ويچارَ

رِيت نيائي رُتِ سانِ تنهنجي آپ آڌارَ

مَرندي تائين مُند ڪان ٻَلي تو نہ پُڪارَ

پُنا پولڻَ ڏينهڙا، آڌُر پکيئڙا يارَ!

○

ويلو وِڄ ڪيوم

پَنڌُ پرينءَ جو پرتي ٿي ويو
ڪوهہ اڳي ڪان اوچا ٿي ويا
ڪَهہ ۾ سِڄُّ ٻُڏوم،

پَنڌُ پرينءَ جو پرتي ٿي ويو
ڏُونگَرَ ڏادَ اڳي ڪان اڳرا
جئن جئن ڏيلُ ڏريوم،

پَنڌُ پرينءَ جو پرتي ٿي ويو
پَتَّرَ مان پَڙلاءُ تہ آيو
چاہ ڪنهن سَڌ ٻُڏوم!

پَنڌ پرينءَ جو پرتي ٿي ويو

○

رڳُ ڏنائون راتِ،
وهائــيءِ پرڀــاتِ،
ڪَتِي ڪُنبُ چڙي ويا

ڪُهنبا پائي ڪانٺيون
سورٺيون ڪَن ماتِ.
ڪَتِي ڪُنبُ چڙي ويا

اوچَڻ وَڻ ولاتَ جــا
تــاجِــي ڏيهي ڏاتِ.
ڪَتِي ڪُنبُ چڙي ويا

وائِـي لالُ لبيس جــي
کهرَ کهرَ ونيءِ واتِ.
ڪَتِي ڪُنبُ چڙي ويا

جاڳي ساريون راتڙيون
جرڪِي جن جي ذات،

ڪِٽي ڪُنبُ ڇڏي ويا

○

ڏرتي! ڪوئي دانُ؟

مون کان گيتَ رُسي ويا

ڪَينڊي ڏينهن لڳي ويا

ڪُڪِ منجهاران ڪانُ.

مون کان گيتَ رُسي ويا

وَر وَر ٻُنيي ٻاھران

سوٽِي ويو مھمانُ.

مون کان گيتَ رُسي ويا

ڳُوندرَ گينواڙِي چڙي

مُنهنجي سُرت سُجانُ.

مون کان گيتَ رُسي ويا

ڪنهن کي آ؟ پسائيان

آندر جو ارمانُ!

مون کان گيتَ رُسي ويا

○

ڏينهن تـہ آهي ڏنـبُ،
مـان ۽ جيئَڻَ جَنبُ،
تو بن رات نہ آئُڙي

مُرڪي بيٺو مُون مٿان
تولئہ تاتي چَـنـبُ،
تو بن رات نہ آئُڙي

ڪيسين هرَ هرَ هيڪلو
ماٺهو ڪهُوري سَـنـبُ،
تو بن رات نہ آئُڙي

جي تون سرچين ساڃٺان
ڪهوريـان آءٌ ڪهُمنبُ،
تو بن رات نہ آئُڙي

○

جيڏيون! جنهن ويرا
واءِ لـتـيا پـيـرا،
مان ڪِٿن جيئنديس جَتّ ري!

توڙي ڏونگرَ چوٽَ تي
ڏاگهن جا ڏيـــرا،
مان ڪِٿن جيئنديس جَتّ ري!

پَٽُ لڳي تو پَٽّ جان،
کـهـڙا کانـديـرا!
مان ڪِٿن جيئنديس جَتّ ري!

پينر! هـن پنيور جا
مـاڻهو سـب مـيـرا،
مان ڪِٿن جيئنديس جَتّ ري!

○

ساريم سَپُ چمارُ
پرت وَندن جا پارَ،
ڏِٺي لهندم ڏُکڙا

اکڙين جُهڙُ جهمِي پيا،
آئي سُندَ سلارَ،
ڏِٺي لهندم ڏُکڙا

ڏورانهين ۾ ڏيئَڙا
سانگيئَڙن جي سارَ،
ڏِٺي لهندم ڏُکڙا

ڏاريا ٿِي جيکي ٿيا
مون کان مُور نہ ڏارَ،
ڏِٺي لهندم ڏُکڙا

○

آچُ، آچُ گھوري گھاء!
تو بِن چَين نہ آئيو

چيري چَندن ڪاٺ جيئن
مون کي آچ مَهڪاء!
تو بِن چَين نہ آئيو

ڪيري وِچُّ وجود تي
جَر ۾ سَپُ جرڪاء!
تو بِن چَين نہ آئيو

آڏيء رات آڳار تي
مُنهنجا آنگ نچاء!
تو بِن چَين نہ آئيو

ڪيسين ساز سُتا رَهن
ڳاء، وري آچ ڳاء!
تو بن چَين نہ آئيو

○

وارِي پنهنجو پـاڻُ،
آءُ آمرُ تي گيت ٻڌا!

ڪَرمنڊلُ ۽ ڪِينرو
سانپ نہ ٻيٺي ساڻُ،
آءُ آمرُ تي گيت ٻڌا!

راڳُ رکيو گهرُ ڀاڳَ ڪان،
ڄَرَ ٽي سيڪجهہ ڄاڻُ،
آءُ آمرُ تي گيت ٻڌا!

جهوم تارا جـيءَ ۾
ذنـڪـو جيڻن نـيـاڻُ،
آءُ آمرُ تي گيت ٻڌا!

تو لڳ پيو سَبُ ڪارڻي
مدائيءَ جـــو مـاڻُ،
آءُ آمرُ تي گيت ٻڌا!

سَنسو ساکَ کُساکَ جو

ايــائُــن آمــڇــاڻُ،

آءَ آمرُ ڌي گيت ۾!

○

کــيــچَ وَٽَـــن کـــوُنــجــوُن –
شام لٿي آهي

واريءَ سنجهه وڃائيا تُنهنجا پيرا سوُن –
شام لٿي آهي

آءٌ آئين ڏي پنڌ ۾ توڙي پيرَ پٿون –
شام لٿي آهي

اکڙيون آهن اڳُ کان ڏونگرَ ڏاڍيوُن –
شام لٿي آهي

ڪيڏو ڏوُر لڳين، پيو ويجهو هوندين تون !
شام لٿي آهي

٥

بَرُ نہ سِي بوتا، وَجو، وَجو هوتا،

مان ۽ پاڙو پَرت جو!

مُون هي ميرا ڪَپڙا عمر سڄي ڌوتا،

مان ۽ پاڙو پَرت جو!

اَڄ بہ آؤنا ڪالهہ جئن چُنيون ۽ چوتا،

مان ۽ پاڙو پَرت جو!

ڪيڏا آيا ڪيچ مان ڪَر ڪاهي ڪوتا!

مان ۽ پاڙو پَرت جو!

○

تُون ٿي نانهه مليرُ

آءٌ آهائــي مارِئي!

توئِي وِهُه تي واريو پنهنجو پاڪُ پنيرُ،

آءٌ آهائــي مارِئي!

آهه آچايل اڳـ جيان سُهنجو ساهُ سريرُ،

آءٌ آهائـــي مارِئي!

هاء، آياڳي ماءَ تو ڪاريو پنهنجو ڪيرُ،

آءٌ آهائــي مارِئي!

اوڳيا! تون ڇا آگهندينءَ سُهنجي نيٽان نيرُ!

آءٌ آهائــي مارِئي!

○

جانَ جانَ جِيان آنءَ
تانَ تانَ تنهنجو نانءَ
سون ڪان سُور نہ وسري۔

ڏاڍا تتا ڏينھڙا
للت نہ لنوي ڪانءَ!
واجھُہ نہ وجھي اوپرو
ٿوٽي ھہ ڪِي ھانءَ!
ٿَرُ ڪُجاڙو تو ٻنان!
سون کھڙو ٿرِ ٿانءَ!

ڏات ٻہ‌تو بن ڏَنءَ ڏنو
ڏانءَ نہ آيو ڏانءَ!
تو بِن آنءَ نہ آنءَ
ساجن! تنھنجو نانءَ
سون ڪان سُور نہ وسري۔

○

مَکـــي چـــارَ چِتَـــن
جيجان تـــن جتـــن
ساريان پئي سِڪَ کي
او شل! اچـــن اوچتو
واري واڳـــ وطـــن،
جيجان تـــن جَتـــن
ساريان پئي سِڪَ کي
ڏُونگر منَجهه ڏکوئيو
ڏاڍو ڏيهَن ٽَـتـــن،
جيجان تـــن جَتَـــن
ساريان پئي سِڪَ کي
پيُٽـــن ۾ پيٽڪـــائيو
تَن جـــي پـــارَ پٽَن،
جيجان تـــن جَتـــن
ساريان پئي سِڪَ کي

تانگهہ اُنهن جي تانگهيان
تات اُنهن جي تَن،
جِيجان تن جُتن
ساريان پٹي سِڪَّ کي

○

جيڏيون شال جِيَنِ

پرديسي پانڌيڙا !

سونارن جئن سَنڌيو، روحَن رِيھ ڏِيَن،

پرديسي پانڌيڙا !

اکيون جن لئه آليون کَيو جُهڙ جِهمَن،

پرديسي پانڌيڙا !

اکيون آتِ آڪنيون، جن جي سُونهن سِڪَن،

پرديسي پانڌيڙا !

مَنَئُون مُور نه وسريا، سهسين سالَ ٿِيَن،

پرديسي پانڌيڙا !

ڪُھ ڄاڻان ايندا ڪڏهن واري واڳَ وَطن،

پرديسي پانڌيڙا !

ڪُھ ڄاڻان ڪَنهن رُتِ ۾ سون سان سيڙ وڪَن،

پرديسي پانڌيڙا !

○

تُون تہ وسين ٻي پارَ، مُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمّ سان

ڍِڪُون ساهون سِير جي
پَڇن ڪو نہ پتارَ، سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمّ سان

پرکين تو مون کي ميان
ويهي پاڻ پَرارَا سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمّ سان

روز جُڪائن جيءَ کي
واڳيتيل وِيچارَ، سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمّ سان

آپَ ڪَپي اوڙاهہ جا
پُرَن ڪُنّ ڪَپارَ، سُون
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمّ سان

ڏار ٻہ هوندي، آنهہ تون
مون کان مورُ نہ ڏارَ، مونُ
ڏينهُن نہ آلهي ڏَمرُ سان

○

آءٌ سدا ڀي پارِ!
سُهڻيءَ سوچيو سِيرَ ۾
جُلي جاچي آئيا ـ ها، پرَ ڪيرَ ڪُنوارِ!
سُهڻيءَ سوچيو سِيرَ ۾
لِڪِي مُنهنجي ليڪَ ۾ آهي لوڪَ ميار،
سُهڻيءَ سوچيو سِيرَ ۾
ڪُنَّ ڪپيندي ڪيرَ ڀِي، اونو ڪنهن اوراِر؟
سُهڻيءَ سوچيو سِيرَ ۾
وَرَ وريتيون ڪيتريون ڪا ڪا تَرِي تارِ،
سُهڻيءَ سوچيو سِيرَ ۾
تُون ٿي مُنهنجو آجِيو، مان ٿي تو آڌار،
سُهڻيءَ سوچيو سِيرَ ۾

○

پيچ پنيءَ پيچ گهَڙَ -
پويان پاڇا رات جا

ڪيڏي ڪاري رات آ
ڪيڏي لنبي ڪَڙ!
پويان پاڇا رات جا

اونده، اُتر واءُ ۾
پاڻيءَ تي پَن- جهَڙَ -
پويان پاڇا رات جا

مان ۽ پنهنجو پيچرو
وِڪَّ نہ ڄاڻي وَڙَ -
پويان پاڇا رات جا

○

آرتِ نه اوبيء آنّ

آجُ چا ڪان ڪاپائتي ؟

چَرخو چو هِئن چُپّ آ؟ اگٿِ ايڏي سُنّ!

ڪالهوڪيون ڪاپائتيون ڳرڪايون ڪنهن ڪُنّ!

ويهُ نه وِنگيءَ تَڪُّ سان، چِپَن لائي چُنّ.

○

ساوَڪ رُت ۾ ساڻورا هيل نہ آئين تون،
آيا سَرءِ ڏينهڙا

هَنج اُڏاڻا، سَر سُڪا، ڪُڄاڙيون ڪوڙيون!
آيا سَرءِ ڏينهڙا

آهن اُتر واءُ جُون آتڻ ۾ اوتُون،
آيا سَرءِ ڏينهڙا

مان ۽ آرٽ اُباڻڪا، چار جڏيون جيڏيون!
آيا سَرءِ ڏينهڙا

○

توڪان سوا ميندرا ٻي ڪنهن کي چاهيان؟
آءٌ تہ مُنهن مُرڪي ڪٽان!
ڪيسين ٻاري ڏيئڙا سنجهي ڪَرَ ساهيان؟
آءٌ تہ مُنهن مُرڪي ڪٽان!
مون جي مُڪرا پاند ۾ ڪنهن سان وراهيان؟
آءٌ تہ مُنهن مُرڪي ڪٽان!
ڪيسين ساريءَ لوءِ سان لاڳاپا لاهيان؟
آءٌ تہ مُنهن مُرڪي ڪٽان!
جُنياري ٿي جڳ ۾ ڪيسين نباهيان؟
آءٌ تہ مُنهن مُرڪي ڪٽان!
تو ايندي مان آهيان، تُون ناهين، ناهيان،
آءٌ تہ مُنهن مُرڪي ڪٽان!

○

هِيءَ جا ڏَوُڏرن ڏات،
لوئڙ يارن لات،
منهنجي مُلڪ ملير جِي!

روڪي روڪيان ڪيترو
وائِي آڻي وات،
منهنجي مُلڪ ملير جِي!

سونَ سَريڪا سِجّ جا
سُپنا ساري رات،
منهنجي مُلڪ ملير جِي!

ڳُونجِي مُنهنجي گيت مان
پڌِري ٿي پريات
منهنجي مُلڪ ملير جِي!

○

چاريُن پَر چايُون
پنهنجُون پرايُون
ڳالھ مڙيوئي ھِڪڙي

ھر ڪو ھر ڪنھن جا وَتِي
ڳَٽ ڳچيءَ پايُون،
ڳالھ مڙيوئي ھِڪڙي

ڳالھ تہ آھي وَڏَّ جي
چا بہ ھُجن وايُون!
ڳالھ مڙيوئي ھِڪڙي

ھِيٽَن ھِيٽاين ستان
ڏادن ڏادايُون،
ڳالھ مڙيوئي ھِڪڙي

تُنھنجا ڳوڙھا مون رُنا
توکي ڳَر لايُون،
ڳالھ مڙيوئي ھِڪڙي

○

لُنءَ لُنءَ نڪتِي لاٽَ

ڪُونجُون ڪُٽڪيون روھہ ۾

جھرمر جوت ٻرِي پٽِي

آئــي چَپــر چــاٽ،

ڪُونجُون ڪُٽڪيون روھہ ۾

جرڪِي پيٽي جِيءَ ۾

وانگيٽڙن جي واٽَ،

ڪُونجُون ڪُٽڪيون روھہ ۾

ڏورانھين جي ڏاھہ سان

آيــريــا اوچــا گھاٽ،

ڪُونجُون ڪُٽڪيون روھہ ۾

مارڳ ۾ مرڪن پيا

لڪئــي ساڻ للاٽ،

ڪُونجُون ڪُٽڪيون روھہ ۾

○

مَتي تِنَ مَچن
او شل ڪَنڌَ نچن
او شل جرڪي جنڊڙي !

ڪيڏي ڪان ڪان ڪُوڙجي،
سادي چُپَ سچن!
او شل جرڪي جنڊڙي!

ڏهڪايو آ ڏيهه کي
ڏاڍو هيل ڏچن،
او شل جرڪي جنڊڙي!

ڏِوَ تي ڪاڏو ڏِونڍي کي
پيهر پانپَ پچن،
او شل جرڪي جنڊڙي!

هيڏا هاڃا ٿا ٿين،
ڏسجي ڪير بَچن!
او شل جرڪي جنڊڙي!

اوراڌڪهڻُ اوڙاهه ڪسي
ناهي ڪمُّ ڪَڇن،
او شل جرڪي جنڊڙي!

شل ڪي سُونهان سير جا
واهڙَ وِچّ آچن،
او شل جرڪي جنڊڙي!

٥

رَتو رُنــو راتِ،
رانجهن جهنگ سيال تي.

هِيرَ ڏٺي تي ڏيهه کي
وِهه جون وڻيون واتِ ـ

جوڳين جِيءَ جلائيو
ڪيڙي مُور نہ ماتِ ـ

ويرِي وارث شاه جا
پڌرا ڪَر پريات!

رَتو رُنــو راتِ
رانجهن جهنگ سيال تي.

○

جَــبَــل جــاڙَ وڏاه،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

سِــجُ! تــکا ڪر ترورا تــوچا تيرَ وَساء،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

واء! وَسِيهر جان وَرِي جِبُ اچا جرڪاء،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

ٻَڪَر! مُنهنجا پيرڙا ڳهاء اچا ٻيـي ڳهاء،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

ٻانُ تہ پنهنجو پرکيان هلندي هو تن لاء،

مون سان ماڙَ نہ ڪَج ميان!

○

جَـر - ڏيئا جهمڪن،

سنڌُو تُنهنجي سِيرَ تي

ڪاريون راتيون ڪاٽيون
تـارن سـان ٽِمـڪن

سنڌُو تُنهنجي سِيرَ تي

آتَـرُ، پيـرَن جهانجهرا،
چوليون تيون چِمڪن

سنڌُو تُنهنجي سِيرَ تي

چا چا مُنهنجيءَ ڏات سان
چانـدوٽـا چِـمـڪن !

سنڌُو تُنهنجي سِيرَ تي

○

توکي کهڙي ڪَلَّ،
جيءَ نہ اچي جهَلَّ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

ڪارونجهر جون ڪاٺيون
ڳاڙهيون ڳاڙها ڳَلَّ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

اکڙيون آتِ اکنديون
ڪارُون منجهہ ڪَجَلَّ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

چَپَّ ڪچيون ڪچنار جون
مُکڙيون ماڪَ - پِنلَّ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

ڪيٽي ڪينجهر ڪَنڌئين
نُوريون، نيلَ ڪَنولَّ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

آڏرن ٿا جنهن جوءِ تي
پاريهر جان پَلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

ڪونجون ڪُڏڪن روهہ ۾
تارن هيٺان تَلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

باڪُون ساڪُون سونهن جون
راتيون رُوپ رَتلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

آتر اوتون واءِ ۾
وچين ويلي آلَ،
مون کان سِنڌُ نہ وسري

تون ڇا ڄاڻين اوپرا
توکي ڪهڙي ڪَلَ!
مون کان سِنڌُ نہ وسري

نيٺ تہ ڦرندا ڏينهڙا
چانگي سارا ڇلّ ،

مون کان سنڌ نہ وسري
مون کان سنڌ نہ وسري ...

○

پيچ پنيءَ پوتار
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ۾

ڪـــرا رَتُّ چِڪندڙا
اُجــرِي آنَّ مـــيـــارَ۔
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ۾

ڪـرا پڳهر واسڻان
پـورهيت آتِ پُڪارَ۔
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ۾

ڪرا ٻارن ڪُڏڪيون
پــوڙهــن پالـٺهار۔
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ۾

ڪرا سُرمي سينڌ جا
وَنيـن ۾ ويــچــارَ۔
ڪَرا ڏٺا ڪيپ ۾

ڪرا جوين ڏينهڙا
ڳيرن جي ڳٽڪار.
ڪَرا ڏڻا ڪيپ ۾
ڪرا پيرن هَٿڙا
آڏر لـــہ آزار.
ڪَرا ڏڻا ڪيپ ۾
ڳُنديونُ گوندر سان پريون
ڪـــرا وِچ بـزار.
ڪَرا ڏڻا ڪيپ ۾
گهَر گهَر پينگ، پِلاوڙا
ويهي ڪن واپارَ.
ڪَرا ڏڻا ڪيپ ۾
مَوڪِي مَچُ مَٿي ڪئي
ڪارائي، ڪمدارَ.
ڪَرا ڏڻا ڪيپ ۾

○

ساجُهر توڙي سَنجهہ،
سپُنا ساڳيا ساهہ ۾
ڪيڏي ڪارونيار ۾
هَٿَ اُئين ئي وَنجهہ،
سپُنا ساڳيا ساهہ ۾
گونج اکيءِ جان گيت جي
ڏات اکيءِ جان ڏَنجهہ،
سپُنا ساڳيا ساهہ ۾
جيون - جُگنو چمڪيا
اڄ ڪي اکين مَنجهہ،
سپُنا ساڳيا ساهہ ۾

O

جــِيءِ جَهپايــو آپُ
ماکَ پوي ٿي مانگهہ جِي

رهَڙن ٿا جڻ چنڊ جو
چِهـرو اوچـا ڏَيُ،
ماکَ پوي ٿي مانگهہ جِي

ڏرتيءِ ۾ دهڪن پيا
ڪيئِي ڳاڙها ڳِيُ،
ماکَ پوي ٿي مانگهہ جي

○

نيٺ ته بادل برسيا پُورَ جهليا پُوهَن،
وٺا مينهن ملير تي

ڪيڏو ڪاريءَ آسّ ۾ لهسايو لُوهَن!
وٺا مينهن ملير تي

ڪيڏا وَرت ڇِڪائيا ڪانئَن ڪانَ ڪُوهَن!
وٺا مينهن ملير تي

شال سدائين سرتيون ساوڪ ۾ سُونهَن!
وٺا مينهن ملير تي

○

چَن چَن ڪَن ٿا چَنَّ
پايل پـايـل پـَنَّ،
اُڏو مينهن اڳُوندرو

پلر جي پالوٽ مان
ڏوتـــا مـــاُرن مَنَّ،
اُڏو مينهن اڳُوندرو

مُڇن مُرڪ ملير جي
ڪَڇن ڳاڙها ڳـَنَّ
اُڏو مينهن اڳُوندرو

لڇن لوڙيون لاڪ سان
ڇـڇـن اڇا آنَّ،
اُڏو مينهن اڳُوندرو

گهڙا چائي چيلهه تي
تاڙيا تـن جا تَنَّ،
اُڏو مينهن اڳُوندرو

ڪيڏو مَن کي ٻانئيا

ساڄُهر سانجهيءَ وَنَّ!

اُڌو مينهن اگُوندرو

○

وڃون وڃهي ورّ
ڪُٽسن منجهه ڪکرُ،
بوند نه وسي بُٽّ تي

گولاڙن ۾ گلڙا
ايندا، ڪنهن کي ڪَرّ!
بوند نه وسي بُٽّ تي

واڄهه وڄهي تي آپ ڏي
وَر وَر تتي ڏَرّ،
بوند نه وسي بُٽّ تي

سُڻّ سنيها ڪيترا
پارِ نه آڏِن پَرّ،
بوند نه وسي بُٽّ تي

سڄڻ! سانوڻ ساءُ اچ
ڏِسُ هِي پَٽ پڌَرّ!
بوند نه وسي بُٽّ تي

○

اڪيون اڪين ساڻُ
ڳالهائن ٿيون ڳجهه ۾.
ساجن سونهن ورونهن جو ناهي ڳڻن ڳاڻ.
ساجنُ روپَ سروپَ ۾ پلاڻُن جو پاڻُ.
چڪي ويو چوهه سان منَ ڪي مهراڻُ.
پُرندڙ پکون سِير ۾ چوليون آيًّ آڻُ.
پائي ڳَلِ ڳراڏڙيون پاڻَ سجاتو ڀاڻُ.

○

آرَ اُڪاري ڪيرُ!

نہ ڪنهن ناوَ نہ ترهو.
گهورگهٽائون گهاٽ تي پو بہ نہ ڀُٽ تي پيرُ.
ڪيڏو ڪارونيار آ ڪيڏو واڳن ويرُ.
گهوريا جيئڻَ ڏينهڙا ساجن سنگ متيرُ.

○

رتا سولهه مَٿَن،
پانڌي مَٿ پَٽَن-
ڏسندي لهندم ڏکڙا!
 ن
رڳو جيءَ جَلائيو
ور ور جوٽ-جَتَن-
ڏاکها ڏور، ڏهاڳٽيون
ساڳيو مَرم نَٽَن-
سرتيون سج آيار سان
اچٽو نيٽ آٽَن-
ڏسندي لهندم ڏکڙا!

○

ٻَڌيء ٽِڪ نہ اڄ، لالڻ لاء نہ ڏينهڙا!

ڪاريون راتيون ڪسوڻيون، پل پل ڪوڙو ڪچ،
لالڻ لاء نہ ڏينهڙا!

جهانجهر آڇي سون چوَنَ، نيچ نگر ۾ نچ،
لالڻ لاء نہ ڏينهڙا!

جيئڻُ جهيٽي باهڙي، مَچُ نہ ساڳيو مچ،
لالڻ لاء نہ ڏينهڙا!

ڪُوڙَ پسارو جندڙي، ساجن تون ئي سچ،
لالڻ لاء نہ ڏينهڙا!

○

ڪام نہ ڪرهي مار،
سوتيي منجهہ مهارَ
جنهن کي پنهونءَ پوئيا.

ڪوليِ پُنءِ پنيور جيِ
جنهن جي نيڻُ نهارَ-

ڪام نہ ڪرهي مار...

ٽَليون ٽونٽرن سان ميان
جن ۾ پَنڌَ - پُڪار-

ڪام نہ ڪرهي مار...

ڪونج ٻڌين ٿو گيت جي
جئن کا ڪونج آذارَ!

ڪام نہ ڪرهي مار...

○

جهيٺي اڱارين

کيسين سيڪيان هٿڙا !
ڇو هڻن پيالِيءَ پَٽ جا ڏيئا تو ٻارين !
ٻو اوت آلاوَ جِي منّيءَ تي هارين ؟
منهنجيءَ آڄ آسات کي جرڪِي جيئارين !
وارِي جيئڻ جا جَهلا مون کي ڏو مارين !
او شل سرچِي سِڪ سان پرچِي پيئارين !

o

سانجهيءَ سج ٻڏو،
رڻ ۾ پئي راتڙي.
ڪٽڪي اڄ ڏکونجڙين
هنيو روهه ٽُڏو،
رڻ ۾ پئي راتڙي.
تاري ڏمڪو ناهه ڪو
سارو آڀُ يُڏو،
رڻ ۾ پئي راتڙي.
ها، پر مون ساٿيارڙيو
ستان لڪ لُڏو!
رڻ ۾ پئي راتڙي.
تن کي ڇٿو ايترو
'ڪرها ڪهت ڪُڏو!'
رڻ ۾ پئي راتڙي.

○

ڪتي رات پَئي،
رڳو روهه رَئِي-
نه ڪو پکُ نه پَهيئڙو.

ڪنوڻ ڪِجي آيِ ۽
ڪاريءَ ڪِپ وئي-
نه ڪو پکُ نه پَهيئڙو.

جُهڙ ۽ جهيڙيءَ باهه جٺن
ڪُوڪَر ڪونج ڪئي،
نه ڪو پکُ نه پَهيئڙو.

چَپُ سلائڻ اوچتو
مون کي چنگ ڏئي،
نه ڪو پکُ نه پَهيئڙو.

٥

واڪا ڪري واءُ!
ڪيڏو تتيءَ تاءُ!
ڪيڏا ڪوسا ڪڪرا!
اهڙيءَ سُڄَ اپارَ ۾ ڪهڙو سات سماءُ!
پنهنجن پيرن جو پيو چرڪائي پڙلاءُ.
ماڳُ نه پيڙو پاڳ ڪي لُنءلُنءَ پو به لڳاءُ.
آءٌ آساهو، ڏيرِ ڏي مون ڪي ڏرتي ماءُ!

○

هيءَ تنهنجي ياري

ڪُنڍي ڪاپاري!

مون ڪان مُور نہ وسرين.

مور نہ وئين مَنَّ مان اڇي هيڪاري،

مون ڪان مُور نہ وسرين.

جُڙي مون سان، جنڊڙي تو جئن جيڏاري،

مون ڪان مُور نہ وسرين.

تو بن مان جئن لُڱَ پر تانگر جي تاري،

مون ڪان مُور نہ وسرين.

تو بن مان جئن سمنڊ جي وِيرَ بنان واري،

مون ڪان مُور نہ وسرين.

آءَ آجهاڻل ڏيئڙو ۽ تون ڏياري،

مون ڪان مُور نہ وسرين.

○

او شل هوت اچن
اکيون جن جي آسري!

هو جي ڳاڙهيون لونڪيون ڪلهن مٿي ڪن،
اکيون جن جي آسري!

جن لئه منهنجا پول جٺن گربيون ساڻ گلن،
اکيون جن جي آسري!

جن وٽ منهنجون ڳالهڙيون جٺن ڦل ڦاڪ ڦلن،
اکيون جن جي آسري!

جن سان منهنجو نينهن جٺن ساڻون ميٺهن وسن،
اکيون جن جي آسري!

ڍاهي سارا ڍوهه شل سُون وٽ ڍاپو ڪن،
اکيون جن جي آسري!

❋

○

### تنهنجيءَ جوڙ جهاڪ

موهن ، موں من موهيو .
موں ۾ ور ور وسوسا، پيارَ نہ ڪائي پَڪَ .
موهن ، موں من موهيو .
موں مَنُ ڪاسہ ويڙهيو، ٻاهر جهولا جَهڪَ .
موهن ، موں من موهيو .
پٽ پٽيهر ٿي ويا موں لئہ ترچا لَڪَ .
موهن ، موں من موهيو .
ڏکَ بہ ڏِاڙهونءَ گُلڙا، ڏکَ بہ کهڙا ڏَکَ !
موهن ، موں من موهيو .
موں ۾ سپ ڪان اڳ ۾، تنهنجي سينهن ٺهڪ .
موهن ، موں من موهيو .
او شل، اچين اوچتو ، واريءَ ٿُلن آڪَ !
موهن ، موں من موهيو .
صدين سان سَرچي وڃي منهنجو پَلُ پَلڪَ .
موهن ، موں من موهيو .

○

آڌر، اڙي او ڪانگ،
نرڄا، چالئہ تو لنوين ؟

تون ڇا ڄاڻين بانورا، اڄڪلهہ سڄڻ سانگ!
نرڄا، چالئہ تو لنوين؟

سُرسو سُڪو اڪڙئين، مُکرا سُڪا سانگ،
نرڄا، چالئہ تو لنوين !

رڻ ۾ روجهہ چُپي ويا، ڏيئي چوهہ ڇلانگ،
نرڄا، چالئہ تو لنوين!

آءِ بہ پوان آهلي، سُٺي سانجهيءَ بانگ،
نرڄا، چالئہ تو لنوين !

○

پُنءِ پاري ، گهَرُ ڏُور ،

ڪَرها آرها پنڌ ۾

مون کي سنهنجي جيئري سلڙو ناهين مُور-

پوءِ به ڦُلن چانو آ پرين تنهنجو پُور-

لُنءِ ۾ مون نہ لڪائيو تَتي ڏينهَن تنورُ-

شال نہ لڳي لنوَ تئي، لڳہ تہ ٿيا چورُ-

پُنءِ پاري گهَرُ ڏُور !

○

ڪلَّ ڪتوريءَ جيئن

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

ڪنول ڪارونيار ۾ اکيون اکين سِيئَن،

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

وڳا سُرَّ سرير ۾ اڳ نہ ڪنڌهن ايئَن،

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

جئن ڪي ڪَرڪن ڪونجڙيون تَنَّ تنوارون تيئَن،

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

جنهن سون جيءَ سُواسيو تنهن بن ڪندَس ڪيئَن!

سُرهيون ساجن ڳالهڙيون.

o

ڪَڪَرَ جهڙُ ڪارو

ليڙا ماندِا لُڪ ۾.

اکين ڪان اوجهل ڏيو پنهون پنارو.

ڪَهندي اِج مون سوچيو ’ڪَهڙو ڪاهيارو!

”لَڪَن لڙڪان ڪيترو، اوڙهي انڌارو“!

”نه مون للاٽ ۾، نه تون ڪو تارو.‘